فن، ادب، ثقافت ۽ تهذيب جي سڃاڻپ

**Sukkur Arts Council**



# NEWS LETTER

YEAR-2024

sukkurartscouncil@gmail.com /sukkurartscouncil.pk /@sukkurartscouncil

Sukkur Arts Council

| نيوز ليٽر | |
|---|---|
| اعزازي ايڊيٽر: | خالد ٻانيڻ |
| فوٽوگرافي: | سعيد پيو |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: | سهيل شيخ |
| سال: | 2024ع |
| شايع ڪندڙ: | سکر آرٽس ڪائونسل |
| نيوز ليٽر ڪاميٽي: | خالد ٻانيڻ، عبدالحڪيم زنگيجو، سعيد پيو (اعزازي) |

sukkurartscouncil@gmail.com
https://www.facebook.com/sukkurartscouncil.pk/
https://sukkurartscouncil.org/
https://www.youtube.com/@sukkurartscouncil

# سکر آرٽس ڪائونسل سال 2024ع جو ساليانو سماچار

## سال 2024ع دوران منعقد ڪرايل پروگرامن جو تفصيل

پهرين جنوري 2024ع سومر ڏينهن شام 4 وڳي سنڌ جي ناميار اديب رسول ميمڻ جي سالگره تقريب ۽ ادبي ڪانفرنس سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي وئي پروگرام ۾ مهمان خاص منور سراج، زيب سنڌي، اياز گل، ادل سومرو، حبيب ساجد ۽ ممتاز بخاري هئا جن رسول ميمڻ جي زندگي ۽ ادبي خدمتن تي ڳالهايو. جڏهن ته پروگرام جي ڪاروائي اظهر نوناري هلائي. پروگرام ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.






## رحيمداد خان مولائي شيدائي جي ورسي تقريب:

تاريخ 11 فيبروري 2024ع تي سنڌ جي نالي واري تاريخدان، محقق، شاعر ۽ صحافي رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 45 هين ورسي ميوزڪ ٿيوري هال ۾ آچر ڏينهن شام جو 3 وڳي ملهائي وئي. پروگرام جي صدارت بدرالدين اجڻ ڪئي، جڏهن ته مهمان خاص عبدالقديرانصاري، اياز گل ۽ رحيمداد خان مولائي شيدائي جو ڏوهٽو امير علي بروهي هئا. 45 هين ورسي تقريب ۾ رحيمداد خان مولائي شيدائي فن ڪي پيٽا ڏني وئي.





## اسحاق سميجو جي ڪتاب جي مهورتي تقريب:

12 فيبروري 2024ع شام جو 6 وڳي سکر آرٽس ڪائونسل جي تعاون سان ميوزڪ ٿيوري هال ۾ نامياري شاعر، اديب اسحاق سميجو جي شاعري واري مجموعي ”ٻئي طرف قبيلو هو“ جي مهورت ڪئي وئي. هن پروگرام جي صدارت اياز گل ڪئي، مهمان خاص ۾ سجاد مهر، علي دوست عاجز، عزيز گوپانگ ۽ امر اقبال هئا. پروگرام جي ميزباني سميع سجاد ميراڻي ڪئي. هن تقريب ۾ سجي سنڌ مان اديبن شاعرن جو آيل وڏو انگ شريڪ ٿيو جن اسحاق سميجي جي شاعري ۽ ادب تي تفصيلي ڳالهايو.




## ڇهه ماهي پينٽنگ ڪورس سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب:

11 فيبروري 2024ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي فائن آرٽ شعبي پاران ڇهن مهينن جي پينٽنگ سرٽيفڪيٽ ڪورس جي پهرين بيچ مڪمل ٿيڻ تي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مهمان خاص ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ وائيس چانسلر اروڙ يونيورسٽي هئا. جڏهن ته صدر ممتاز بخاري، فائن آرٽ شعبي جو ڪنوينر غلام اڪبر سولنگي ۽ آرٽ جي استاد اشرف راهيءَ ڪاميابي ماڻيندڙ 62 شاگردن شاگرياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا. ان کان علاوه مسرت مرزا آرٽ گيلري ۾ ٽن ڏينهن جي فائنل ٿيسز پينٽنگ واري نمائش ڪرائي وئي، جنهن ۾ زاهد حسين کنڊ وائيس چانسلر اروڙ يونيورسٽي روهڙي سکر آرٽس ڪائونسل ۾ سکيا حاصل ڪندڙ آرٽسٽن جي پينٽنگ کي گهڻو ساراهيو ۽ غلام اڪبر سولنگي، اشرف راهي تي مشتمل ٻه رڪني جج ڪميٽي جوڙي نمائش ۾ موجود ٽن بهترين پينٽنگ کي پهرين، ٻئين ۽ ٽين پوزيشن جي بنياد تي نقد 10 هزار روپين جو انعام ڏنو.





## ناmياري اديب رشيد ڀٽي جي ورسي تقريب:

16 فيبروري 2024ع شام جو 3 وڳي ميوزڪ ٿيوري هال ۾ سنڌ جي ناmياري اديب، صحافي ۽ ڪهاڻيڪار رشيد ڀٽي جي 36 هين ورسي ملهائي وئي. هن ورسيءَ ۾ ادل سومرو، ايازگل، سيد نور رضوي، سرور سيف شريڪ هئا. رشيد ڀٽيءَ جي زندگي ۽ ادب تي ڊاڪٽر خادم منگي، حڪيم زنگيجو، عبداللطيف انصاري، مهر خادم ۽ سچل ڀٽي پنهنجا مقالا پيش ڪيا.




## ناmياري شاعر اديب شيخ اياز جي سالگره تقريب:

02 مارچ 2024ع تي چنڇر ڏينهن شام جو 3 وڳي سينگار علي سيلم آڊيٽوريم ۾ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جي جنم ڏينهن جي حوالي سان سالگره تقريب ۽ سندس فن فڪر تي سيمنيار ڪوٺايو ويو، تقريب جي صدارت سنڌ جي نالي واري اديب تاج جويو ڪئي، جڏهن ته مهمان خاص ۾ ادل سومرو، اختر درگاهي، ڊاڪٽر انيس الرحمان، ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل، امر اقبال، ڊاڪٽر خادم منگي ۽ ممتاز بخاري جن شيخ اياز تي پنهنجا ويچار ونديا. ۽ شام جو 6 وڳي شيخ اياز جو لکيل اوپيرا ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ پيش ڪيو ويو. جنهن بعد محفل موسيقي ٿي.

## شيخ اياز جي سالگره تقريب جا فوٽو




## اختر درگاهي جي ڪتاب جي مهورتي تقريب:

07 مارچ 2024ع تي خميس ڏينهن شام جو 4 وڳي ميوزڪ ٿيوري هال ۾ سکر آرٽس ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري ناميارو شاعر اديب اختر درگاهيءَ جي ڪتاب "منظرسان پس منظر وانگي" اياز گل جي شاعري جي ڪيل اپياس واري ڪتاب جي مهورت ڪئي وئي. هن مهورت واري تقريب ۾ خاص مهمان طور سيد نور رضوي، اياز گل، ادل سومرو، اختر درگاهي ۽ ذوالفقار ڪلهوڙو هئا. جن اختر درگاهي جي ڪتاب ۽ اياز گل جي شاعري تي ڳالهايو. تقريب ۾ اديبن شاعرن، اداڪارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.





## سکر جي ٽن اداڪارن جي ياد ۾ تقريب:

09 مارچ 2024ع تي شام جو 4 وڳي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سکر جي ٽن ناميارن اداڪارن سعيد واگهو، مظهرشيخ ۽ لونگ شيخ جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ مهمان خاص اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان خيرپور سيد اڪبرعلي شاه، اعجاز سمائيل، ادريس جاگيراڻي، سعيد واگهو جو پٽ وسيم سعيد واگهو ۽ مظهر شيخ جي نياڻي لاريب مظهر شامل هئا. پروگرام جي ڊراما ڪنوينر وفا دلدار ۽ صدر ممتاز بخاري مهمانن جي آجيان ۽ شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته مقررين سعيد واگهو، مظهر شيخ ۽ لونگ شيخ جي زندگي ۽ فني خدمتن بابت پنهنجا ويچار ونديا.









## ستن ڏينهن جو سنڌ ٿيٽر فيسٽول 2024:

سکر آرٽس ڪائونسل پاران 16 مارچ کان 22 مارچ 2024ع تائين ستن ڏينهن جو سنڌ ٿيٽر فيسٽيول 2024ع منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ست ڊراما پيش ڪيا ويا. فيسٽول جو افتتاح ڪراچي آرٽس ڪائونسل جي صدر سيد محمد احمد شاھ ڪيو. هن فيسٽول ۾ پيش ٿيندڙ ستن اسٽيج ڊرامن مان پهريون ڊرامو 16 مارچ 2024ع تي شام جو 6 وڳي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ ”راءِ ڏياچ“ جي نالي سان پيش ڪيو ويو. جنهن جو ڊائريڪٽر وفادلدار هيو. 17 مارچ 2024ع تي حسن عباس جو لکيل ڊرامو ”آرٽيفشل“ پيش ڪيو ويو جنهن جو ڊائريڪٽر بہ حسن عباس هيو. 18 مارچ 2024ع تي ٽيون ڊرامو مولا داد جتوئي جي ڊائريڪشن ۾ ”دنيا مسافر خانو“ پيش ڪيو ويو. 19 مارچ تي سليم راجا جي ڊائريڪشن ۾ اسٽيج ناٽڪ ”توکان پوءِ“ پيش ڪيو ويو. 20 مارچ 2024ع تي ذوهيب مهر جي ڊائريڪشن ۾ ”چانڊوڪي“ ڊرامو پيش ڪيو ويو. 21 مارچ تي ناپا حيدرآباد پاران انصار مهر جي ڊائريڪشن ۾ ”ڪو زمانو آيو آ“ ڊرامو پيش ڪيو ويو. جڏهن تہ ڊراما فيسٽول جو آخري ڊرامو ”زور آور زال“حفيظ جمال جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. ڊرامن ۾ سکر توڙي پر پاسي جي اداڪارن بهترين اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن ڊراما فيسٽول ۾ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ خيالن جو اظهار ڪندي چوي تہ سکر ۾ وڏي عرصي ڪانپوءِ اسٽيج ڊراما ٿي رهيا آهن اسان کي تمام گهڻي خوشي آهي ۽ هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي تر جي نون پراڻن اداڪارن کي اسٽيج تي پرفارم ڪندي ڏسو ٿا.







## سنڌ ٿيٽر فيسٽيول 2024ع جا فوٽو











### اعظم اعوان جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو:

سکر آرٽس ڪائونسل جي ڊراما شعبي پاران 03 جولاءِ 2024ع تي شام جو 4 وڳي ميوزڪ ٿيوري هال ۾ فلم، ٽي وي، اسٽيج ڊراما جي مشهور اداڪار ۽ هدايتڪار مرحوم اعظم اعوان جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ ايازگل، ادل سومرو، امتياز علي ميمڻ، ممتاز لڪي ۽ اعظم اعوان جو پٽ مدثر اعوان شرڪت ڪئي. تعزيتي پروگرام جي ڪاروائي حسن عباس هلائي. مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا ڪرائڻ بعد سندس فني خدمتن تي ڊراما ڪنوينر وفا دلدار، سهيل شيخ ۽ سليم راجا ۽ اعظم اعوان جي پٽ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو.





## استاد سينگار علي سليم جي ورسي تقريب:

سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ شعبي پاران 15 آگسٽ 2024ع تي سينگارعلي سليم آڊيٽوريم ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪل راڳي، موسيقار استاد سينگار علي سليم جي 20 هين ورسي تقريب ملهائي وئي. پروگرام جو خاص مهمان پاڪستان ٽيلي ويزن ڪراچي جو جنرل مئنيجر سيد امجد حسين شاهه هيو، جڏهن تہ اسٽيج تي موجود مهمانن ۾ خيرپور آرٽس ڪائونسل جو صدر مختيار ملڪ، سيد نور رضوي، موسيقار شاهد بزمي، اختر درگاهي ۽ سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري سنڌ جي ناميارِي ڪلاسيڪل راڳي استاد سينگار علي سليم جي فن، موسيقي ۽ راڳ بابت پنهنجا ويچار ونڊيا. پروگرام جي ميزباني غفور چانگ ڪئي. هن پروگرام جي آخر ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪل راڳين استاد راشد حيدري، استاد سلمان حيدر، استاد برڪت علي پٽ، گل جوٽيجو ۽ شاهد بزمي پنهنجي آواز ۾ استاد سينگار علي سليم کي پيٽا پيش ڪئي.

## استاد سينگار علي سليم جي ورسي تقريب جا فوٽو:



## مظهر شيخ ڊراما فيسٽول:

سکر آرٽس ڪائونسل پاران 14 آڪٽوبرکان 16 آڪٽوبر2024ع تائين سينگارعلي سليم آڊيٽوريم ۾ ٽن ڊرامن تي مشتمل مظهر شيخ ڊراما فيسٽول ڪرايو ويو. هن فيسٽول ۾ سنڌ جي نالي واري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار امر جليل جي لکيل ڪهاڻي ”اروڙ جو مست“ وفا دلدار جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. ٻيون ڊرامو ”ڪوٽوسڪو“ حسن عباس جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. ٽيون ۽ آخري ڊرامو ذوهيب مهر جي ڊائريڪشن ۾”جوڪر“ پيش ڪيو ويو. فيسٽول ۾ شهرين توڙي اداڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ۽ ڊرامن کي گهڻو ساراهيو.




## نصير ميمڻ جو ليڪچر:

سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران 10 آڪٽوبر 2024ع تي شام جو3:30 وڳي ميوزڪ ٿيوري هال ۾ سنڌ جي نامياري دانشور، ڪالم نگار ۽ پاڻي ماهر نصير ميمڻ جو ”سنڌ جي هاڪاري سماج جي اڏاوت“ جي عنوان سان ليڪچر پروگرام ڪرايو ويو. جنهن جي ميزباني اياز گل ڪئي، جڏهن ته هن پروگرام ۾ صدر ممتاز بخاري، ادل سومرو، اختر درگاهي، شوڪت راهي، غلام اڪبر سولنگي، گل محمد جوٽيجو، حسن عباس ۽ سهيل شيخ سميت مختلف شعبن سان لاڳاپيل شاعرن، اديبن، شهرين ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.





## شاهہ لطيف ادبي ڪلاس جي سيريز :

سکر آرٽس ڪائونسل جي طرفان سال2024ع جي آڪٽوبر واري مهيني کان ادب جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هر جمعي جي ڏينهن شام جو ٽي وڳي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سرن تي ليڪچر سيريز ”شاهہ لطيف ادبي ڪلاس“ شروع ڪيا ويا. جنهن جي شروعات 11 آڪٽوبر2024ع تي ڊاڪٽرخادم منگي سر ساموندي؁ تي ليڪچر ڏيڻ سان ڪئي. 18 آڪٽوبر 2024ع تي اختر درگاهي سر ڪلياڻ تي ليڪچر ڏنو. 25 آڪٽوبر2024ع تي پروفيسر منظور بيدار سريمن ڪلياڻ تي ليڪچر ڏنو. پهرين نومبر2024ع تي صدرالدين سامي سر سسئي تي ليڪچر ڏنو. 08 نومبر 2024ع تي ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل سر ڪاپائتي تي ليڪچر ڏنو. 22 نومبر 2024ع تي ڊاڪٽر اسماعيل ماڪو سر مومل راڻو تي ليڪچر ڏنو. 29 نومبر 2024ع تي ڊاڪٽر خادم منگي سر ڪنيات تي ليڪچر ڏنو. 06 ڊسمبر2024ع تي ايازعلي لغاري سر رام ڪلي؁ تي ليڪچر ڏنو. جڏهن تہ 13 ڊسمبر 2024ع تي ايوب گاد لطيفي سر ليلا چنيسر تي ليڪچر ڏنو. 20 ڊسمبر2024ع تي پروفيسر وجيش ڪمار سر ڪوهياري تي ليڪچر ڏنو ۽ 27 ڊسمبر 2024ع تي هن سال جو آخري ليڪچر عبدالحڪيم زنگيو سر مارئي تي ڏنو. انهن ليڪچر پروگرامن ۾ ساڃاهہ وند ماڻهن، شاگردن ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي؁ سان چاهہ رکندڙن شرڪت ڪئي.

## شاهہ لطيف ادبي ڪلاس جي ليڪچر ڏيندڙن جون تصويرون



ڊاڪٽر خادم منگي




اختر درگاهي



منظور بيدار



صدرالدين سامي



ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل



ڊاڪٽر محمد اسماعيل ماڪو

## شاهه لطيف ادبي ڪلاس جي ليڪچر ڏيندڙن جون تصويرون







ايوب گاد

اياز علي لغاري







پروفيسر وجيش ڪمار

حڪيم زنگيجو

فنڪار گل جوڻيجو

## ڪيلاش جو ليڪچر پروگرام:

سکر آرٽس ڪائونسل ادبي شعبي پاران 26 آڪٽوبر2024ع تي شام جو 4:30 وڳي ميوزڪ ٿيوري هال ۾ سنڌ جي نالي واري ليکڪ ۽ نقاد ڪيلاش جو ليڪچر پروگرام رٿيو ويو. هن ليڪچر جو عنوان هيو ”اڄ جو سنڌي سماج، ادب ۽ تنقيدي رويا“ پروگرام جي ميزباني اياز گل ڪئي. جڏهن ته ادل سومرو، اختر درگاهي، خالد ڀاڻ، ممتاز بخاري ۽ ٻين ادبي شخصيتن شرڪت ڪئي.





## ناپا پاران ٻن ڊرامن جو فيسٽول:

نيشنل اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس (ناپا) پاران سکر آرٽس ڪائونسل جي تعاون سان 26 آڪٽوبر 2024ع تي سيموئل بيڪٽ جو مشهور عالمي اسٽيج ڊرامو”ويٽنگ فار گوڊو“ جيڪو اظهر نوناري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي ڊائريڪشن ۾ گوڊو جو انتظار جي نالي سان سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ پيش ڪيو. 27 آڪٽوبر 2024ع تي ڪهاڻيڪار محمد علي پٺاڻ جو لکيل ڊرامو” اوڏر جي ماءُ “ مولاداد جتوئي جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. هن ڊرامن ۾ سکر جي اداڪارن پنهنجي فن جو بهترين مظاهرو ڪيو جن کي ڏسڻ لاءِ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پسند جو اظهار ڪيو.





## پينٽنگ نمائش تقريب:

سکر آرٽس ڪائونسل جي فائن آرٽ شعبي پاران مسرت مرزا آرٽ گيلري ۾پنجن ڏينهن واري پينٽنگ نمائش 28 آڪٽوبر کان 03 نومبر 2024ع تائين لڳائي وئي. نمائش جو افتتاح فياض حسين عباسي ڪمشنر سکر ڪيو. سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري، ايازگل، بدرالدين اڄڻ، اختر درگاهي، ڊائريڪٽر ڪلچر امتياز ميمڻ، اشرف راهي ۽ ڪنوينر فائن آرٽس پروفيسر غلام اڪبر سولنگي گڏ هئا. هن نمائش ۾ 100 کان مٿي پينٽنگ رکيون ويون. سکيا حاصل ڪندڙ شاگردن شاگرياڻين جي هٿ سان ٺهيل پينٽنگ کي گهڻو ساراهيو ويو پنجن ڏينهن تائين جاري رهندڙ پينٽنگ نمائش ۾ ڊاڪٽر ارشد مغل ڊپٽي ميئر سکر سميت آرٽ سان چاهه رکندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.





## جيل قيدين جي فن جي نمائش :

سکر آرٽس ڪائونسل هڪ دفعو ٻيهر هڪ نئين روايت کي جنم ڏيندي پهريون ڀيرو جيل قيدين جي هٿ واري هنر جي ٽن ڏينهن واري نمائش ڊاڪٽر مستور بخاري هيريٽيج اينڊ آرٽ ميوزيم ۾ لڳائي وئي. جيڪا پهرين نومبر کان 03 نومبر2024ع تائين جاري رهي. هن نمائش جو افتتاح ڪمشنر سکر فياض حسين عباسي ۽ ڊي آءِ جي جيل سکر ڊويزن اسلم ملڪ ڪيو. هٿ واري هنر جي نمائشي ميلي ۾ ادل سومرو، اياز گل، بدرالدين اڃڻ، شوڪت راهي، ابراهيم ڪرل، منظور خاموش، واپاري عامرغوري، امتياز ميمڻ، سيد نور رضوي، گل محمد جوٽيجو، ڪنوينر آرٽ شعبو غلام اڪبر سولنگي، آرٽ ٽيچر اشرف راهي ۽ ممتاز بخاري سميت مختلف اديبن شاعرن، شهرين ۽ هٿ جي هنر سان دلچسپي رکندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. قيدين جي دستگاريءَ واري فن کي گهڻو ساراهيو، هن نمائش ۾سکر، خيرپور جي جيل سپريٽينڊنٽ پڻ شرڪت ڪئي. شهرين هٿ سان نهيل دستگاري جا فنپارا خريد بہ ڪيا ويا.

## جيل قيدين جي فني نمائش جا فوٽو:



## مشتاق علي لاشاريءَ جي پينٽنگ نمائش :

سکر آرٽس ڪائونسل جي فائن آرٽس شعبي طرفان 5 نومبر کان 07 نومبر 2024ع تائين تمغہ امتياز ماٽيندڙ سکر سان واسطو رکندڙ واٽر ڪلر آرٽسٽ مشتاق علي لاشاري جي ٽن ڏينهن واري پينٽنگ نمائش ڊاڪٽر مستور بخاري آرٽ اينڊ هيريٽيج ميوزيم ۾ ڪرائي وئي. هن نمائش جو افتتاح ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪيو. جڏهن تہ صدر ممتاز بخاري، ادل سومرو، اختر درگاهي، بدرالدين اڃڻ، شوڪت راهي، شبير ميمڻ پڻ موجود هئا. آرٽ ٽيچر اشرف راهي مهمانن کي خوش آمديد ڪيو. چانهہ ۽ ڪافي سان نهيل پينٽنگ ڏسڻ لاءِ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. واضح رهي تہ مشتاق علي لاشاري

پاڪستان جو اهو واحد آرٽسٽ آهي جنهن پهريون پيرو ڪافي ۽ چانهه سان پينٽنگ ٺاهي پنهنجي ملڪ کان ٻاهرين ملڪن تائين وڏي شهرت ماڻي آهي. نمائش جي آخري ڏينهن تي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ مشتاق علي لاشاري جي مان ۾ آجياڻي جي تقريب منعقد ڪئي وئي ان تقريب ۾ آرٽ جو ڪورس مڪمل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. هن تقريب جي ميزباني فائن آرٽ شعبي جي ڪنوينر پروفيسر غلام اڪبر سولنگي ڪئي.








## ڀڳت ڪنور رام ورسي جي تقريب:

سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ شعبي طرفان ڪانفرنس هال ۾ 02 نومبر2024ع تي شام جو 04 وڳي سنڌ جي امر راڳي ڀڳت ڪنور رام جي ورسيءَ جي مناسبت سان پروگرام ڪوٺايو ويو. پروگرام جي صدارت اياز گل ڪئي. مهمان خاص ۾ ادل سومرو، سيد نور رضوي، ممتاز بخاري هئا ۽ ميزباني اختر درگاهي ڪئي، سيد امداد علي شاهه ڀڳت ڪنور رام جي زندگيءَ تي پنهنجو تفصيلي مقالو پڙهيو. پروگرام ۾ بدرالدين اڄڻ، حسن عباس، خالد ٻانيڻ ۽ ذوهيب مهر سميت سنڌ جي امر راڳي ڀڳت ڪنور رام جي راڳ سان چاهه رکندڙن شرڪت ڪئي.





## AI ميگاايونٽ:

سکر آرٽس ڪائونسل جديد دنيا سان لاڳاپيل جدت واري پروگرامن ۾ هڪ دفعو وري نئين روايت جو بنياد رکندي 15 نومبر کان 17 نومبر2024 ع تائين ” آرٽ ان دي ورلڊ آف ڊجيٽلائيزيشن اينڊ اي آءِ“ جي موضوع تي ٽن ڏينهن وارو ميگا ايونٽ منعقد ڪرايو. هن ايونٽ ۾ مختلف سيشن ڪرايا ويا. جنهن کي پوري دنيا ۾ لائيو ٽيلي ڪاسٽ ڪيو ويو. ” آرٽ ان دي ورلڊ آف ڊجيٽلائيزيشن اينڊ اي آءِ“ ايونٽ جي افتتاحي تقريب15 نومبر2024ع تي منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ وائيس چانسلر اروڙ يونيورسٽي، پروفيسر تهمينہ نانگراج وائيس چانسلر بيگم نصرت ڀٽو وومن يونيورسٽي روهڙي، بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ميئرسکر، اعجازاحمد شيخ ڊي جي لائبريريز ثقافت کاتو سنڌ ۽ ايم بي راجا ڌاريجو ڊپٽي ڪمشنر سکر مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. هن پروگرام جي ميزباني اياز گل ڪئي ۽ سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري مهمان کي پليڪار ڪرڻ سان گڏ ٽن ڏينهن واري ميگا ايونٽ بابت آگاهي ڏني. افتتاحي تقريب ۾ شاعرن اديبن، صحافين سميت مختلف يونيورسٽين جي شاگردن شاگردياڻين ۽ شهرين وڏين انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن تہ اروڙ يونيورسٽي، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي، بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي ۽ سرسو سميت سکر جي مختلف اسڪولن، ڪاليجن جي انتظاميہ طرفان نمائشي اسٽال لڳايا ويا. افتتاحي تقريب جي آخر ۾ محفل موسيقي ٿي جنهن ۾ ماسٽر فتح علي سمون ۽ درگاهہ بيدل بيڪس جي سنگ سر وکيريا. پروگرام ۾ آيل مهمانن سکر آرٽس ڪائونسل جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو تہ هن طرح جا ايونٽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿيندا. سکر ۾ پهريون ڀيرو ٿيندڙ اي آءِ بابت ٽن ڏينهن واري ميگا ايونٽ ۾ اسان کي بہ گهڻو ڪجهہ ٻڌڻ ۽ سکڻ جي لاءِ مليو. دنيا جي بدلجندڙ لاڙن ۾ آرٽيفشل انٽيليجنس هڪ تمام وڏو ۽ اهم لاڙو آهي جنهن کي سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ اسان جي نوجوانن کي گهڻي ضرورت آهي هن طرح جا پروگرام وقت جي اهم ضرورت آهن جنهن جو بنياد سکر آرٽس ڪائونسل رکي پوري سنڌ جي شاگردن شاگردياڻين کي دنيا جي جديد ٽيڪنالوجي سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اسان هميشہ سکر آرٽس ڪائونسل جا ٻانهہ ٻيلي رهندا سين.

### آرٽيفشل انٽيليجنس ايونٽ جي افتتاحي پروگرام، اسٽالن ۽ محفل موسيقي جون تصويرون.




















## AI ميگا ايونٽ جو ٻيو ڏينهن:

16 نومبر 2024ع تي ٽن ڏينهن واري ميگا ايونٽ” آرٽ ان دي ورلڊ آف ڊجيٽلائيزيشن اينڊ اي آءِ“ جي ٻئين ڏينهن تي مختلف موضوعن جي عنوانن سان پنج سيشن ٿيا. جنهن ۾ پهريون سيشن ”ڊجيٽل ۽ مصنوعي ذهانت جي دؤر ۾ سنڌي ٻولي کي پيش ايندڙ خطرا“ جي نالي سان هيو. هن سيشن ۾ مهمان طور امر فياض ٻرڙو ۽ شبير ڪنڀار ڳالهايو، سيشن جو ماڊريٽر اظهر نوناري هيو.








ٻيو سيشن” ڊجيٽل جدت جا تعليم تي اثرَ“ جي نالي سان ٿيو هن سيشن ۾ حسن سيد، ڊاڪٽر ريحان علي شاھ پنهنجا ويچار ونڊيا. سيشن جو ماڊريٽر ڊاڪٽر مهر خادم هيو.










ٽيون سيشن ”موسيقي جو جديد دؤر“ جي عنوان سان ٿيو، هن سيشن ۾ مهمان طور سعد علوي جديد موسيقي بابت تفصيلي ڳالهايو جڏهن تہ سيشن جو ماڊريٽر اختر درگاهي هيو.







اي آءِ ايونٽ جو چوٿون سيشن ” آرٽ ۽ ادب ڊجيٽل تبديليءَ جي دور ۾“ منعقد ڪيو ويو هن سيشن ۾ رفاقت حيات ۽ ڪليم بٽ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. سيشن جي ماڊريٽر فاطمہ دايو هئي.






جڏهن تہ آخري ۽ پنجون سيشن ”سنڌ جي عالمگيريت ۽ سوشل ميڊيا جي دؤر“ جي موضوع تي ٿيو. هن سيشن جو ماڊريٽر عبدالحڪيم زنگيجو هيو جڏهن تہ نصير ميمڻ، ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ عائشہ ڌاريجو سنڌ جي عالمگيرت ۽ سوشل ميڊيا بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو.





## AI ميگا ايونٽ جو ٽيون ڏينهن:

17 نومبر2024ع تي ميگا ايونٽ جو آخري ڏينهن هيو جنهن ۾ پڻ مختلف موضوعن تي پنج سيشن ڪرايا ويا. پهريون سيشن ”زرعي ڪامرس“ جي عنوان سان منعقد ڪيو ويو. هن سيشن جو ماڊريٽر ڊاڪٽر محمد مزمل ستار هيو جڏهن ته ڳالهائڻ جي لاءِ مصطفيٰ نانگراج ۽ ڊاڪٽر اسد علي قاضي شامل هئا. جن زرعي ڪامرس جي جديد پاسن تي تفصيلي معلومات ٻڌندڙن تائين پهچائي.






ٻيو سيشن ”معاشرو ۽ ذهني صحت“ جي عنوان سان منعقد ڪيو ويو. هن موضوع تي ڊاڪٽر هريش ڪمار، ڊاڪٽر سڪندر مغل ۽ رابعه مرزا ڳالهايو، پروگرام جو ماڊريٽر ڊاڪٽر خادم منگي هيو.







ٽيون سيشن ”سنڌ لاءِ ٽيڪنيڪل چيلنجز ۽ موقعا“ جي عنوان سان ٿيو، هن سيشن ۾ انعام شيخ ۽ ڪيلاش شرڪت ڪئي، سيشن جو ماڊريٽر ڊاڪٽر قاسم سوڍڙ هيو.






ٽن ڏينهن جي اي آءِ ميگا ايونٽ جو چوٿون سيشن ”مصنوعي ذهانت ۽ سامعين“ جي موضوع سان ٿيو، هن سيشن ۾ آءِ ٽي ايڪسپرٽ سهيل احمد شيخ آرٽيفيشل ٽيڪنالوجي سان هال ۾ موجود سامعين سان گفتگو ڪرائي، سيشن ۾ نوجوانن تمام گهڻي دلچيسپيءَ سان حصو ورتو ۽ مختلف سوال پڇ ڪيا جن جا جواب اي آءِ ڪمپيوٽرمشين موقعي تي ڏنا.








جڏهن ته آخري ڏينهن جو پنجون سيشن ”نيون ايجادون ۽ تحقيق“ جي عنوان تي ايسوسي ايٽ پروفيسر ڊاڪٽر پيجن لعل ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڪيميسٽري شعبي جي شاگردياڻي روميسا بخاري پنهنجي نئين تحقيق تي ليڪچر پيش ڪيا. هن سيشن جي ميزباني اختر درگاهي ڪئي.





## AI ميگا ايونٽ جي اختتامي تقريب:

”Art in the World of Digitalization and AI “ جي نالي سان ٽيندڙ ٽن ڏينهن واري هن ميگا ايونٽ ۾ سمورا پروگرام شاندار ڪاميابيءَ سان ٿي گذريا. هن ميگا ايونٽ جي آخري تقريب سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ڪئي. خاص مهمانن ۾ ايم پي راجا ڏاريجو ڊپٽي ڪمشنر سکر، نصير ميمڻ، اياز گل، ڊاڪٽر ادل سومرو، سيد نوررضوي، بدرالدين اجڻ، ڊاڪٽر مهر خادم، حڪيم زنگيجو، گل محمد جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر قاسم سوڊڙ ڊي اين ارڙو يونورسٽي هئا. پروگرام جي ميزباني اختر درگاهي ڪئي، تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر يوسف خشڪ چيو ته پوري پاڪستان ۾ هن طرح جي هي پهرين ڪانفرنس سکر آرٽس ڪائونسل منعقد ڪئي آهي جيڪا مبارڪباد جي مستحق آهي. بهترين انداز ۾

نواڻ سان گڏ بدلجندڙ دور جي ڊجيٽلائيزيشن کي روشناس ڪرايو. مان سکر آرٽس ڪائونسل جي عهديدارن سميت پوري ٽيم کي مبارڪباد ڏيان ٿو. پروگرام جي آخر ۾ سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري مهمانن، ميمبرن عهديدارن سميت اسٽاف ۽ پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا.





## AI ميگا ايونٽ جي آخر ۾ راڳ جي محفل:

**Art in the World of Digitalization and AI** جي نالي سان منعقد ڪيل ايونٽ جي آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ فنڪارن شازيه مارئي ۽ سمير درگاهي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو.






## ٽن ڪلاسيڪل راڳين جي ياد ۾ تقريب:

سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ شعبي طرفان 23 نومبر2024ع تي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سنڌ جي ٽن ناميارن ڪلاسيڪل راڳين استاد بابا منور شاهه، استاد الهڏنو خان نوناري ۽ استاد رسول بخش پٽ جي ياد ۾ پروگرام ڪرايو ويو. تقريب جي صدارت ڊاڪٽر ادل سومرو ڪئي مهمان خاص ۾ اياز گل، عبدالغفور سومرو، وحيد انصاري ۽ رحمت پٽ هئا. جن فنڪارن جي فن ۽ راڳ تي پنهنجا ويچار ونڊيا. هن پروگرام جي ميزباني اختر درگاهي ڪئي.

## ٽن ڪلاسيڪل راڳين جي ياد ۾ تقريب جا فوٽو:







## ساز گٽار جو سکيا ڪورس:

جڏهن تہ 30 نومبر2024ع کان ميوزڪ ٿيوري هال ۾ گٽار جي سکيا لاءِ ڪلاس شروع ڪيا ويا جن ۾ سکر ۽ پرپاسي جي نوجوانن داخلا ورتي.

## سکر جي ٽن تخليقڪارن جي ياد ۾ تقريب:


تاريخ 03 ڊسمبر2024ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سکر شهر سان واسطو رکندڙ ٽن ناميارن تخليقڪارن شيخ عبدالزاق راز، آفاق صديقي ۽ درگاهي ميراڻي جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت ڊاڪٽر يوسف خشڪ وائيس چانسلر شاهہ عبدالطيف يونيورسٽي ڪئي. مهمانن ۾اختر درگاهي، مهرخادم، ڊاڪٽر انيس الرحمان ۽ منظور بيدار شامل هئا. جڏهن تہ ادبي شعبي جي ڪنوينر ايازگل آيل مهمانن جا ٿورا مڃا. تقريب ۾ شيخ عبدالرزاق راز جي پائٽي، نورالدين شيخ، درگاهي ميراڻي جي پٽ اختر درگاهي ۽ آفاق صديقي تي سکر جي اردو شاعر ڊاڪٽرانيس الرحمان پنهنجا مقالا پيش ڪيا. پروگرام جي ميزباني خالد ٻانيڻ ڪئي. هن تقريب ۾ تخليقڪارن جي ادبي خدمتن کي پيٽا پيش ڪئي وئي. جڏهن تہ سکر ۽ پرپاسي جي اديبن، شاعرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پروگرام کي ڪامياب بڻايو.














## سکر جي ٽن تخليقڪارن جي ياد ۾ تقريب:

سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي طرفان 25 ڊسمبر2024ع تي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ هڪ ٻيو پروگرام سکر جي ٽن ناميارن تخليقڪارن ولي دائود پوٽو، حسن حميدي ۽ ڪامريڊ برڪت علي آزاد جي ياد ۾ ڪرايو. هن تقريب جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه نانگراج وائيس چانسلر بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي ڪئي. مهمانن ۾ اياز گل، ادل سومرو، سرور سيف، اختر درگاهي، ڊاڪٽر خادم منگي ۽ برڪت علي آزاد جو پٽ شهريار راجپوت، ولي دائود پوٽي جو پٽ شڪيل احمد شامل هئا. جڏهن ته سرور سيف، حسن حميدي تي ،اختر درگاهي ولي دائوڊ پوٽي تي ۽ برڪت علي آزاد تي ادل سومرو پنهنجا مقالا پيش ڪيا. هن پروگرام جي ڪاروائي سميع سجاد ميراڻي هلائي.













هي هيو مڪمل حال احوال سال 2024ع ۾ ٿيندڙ پروگرامن جو. پوري سال دوران 56 پروگرام منعقد ڪيا ويا. سکر آرٽس ڪائونسل پنهنجي روايتي ڀرپور صلاحيتن، جوش ۽ جذبي سان فن جي خدمت ۾ اڳي ڪان ٻه اڳ ڀري رهي. سکر آرٽس ڪائونسل پنهنجي ڪمن کي مختلف شعبن ۾ ورهائيندي ادبي شعبو، ڊراما شعبو، ميوزڪ شعبو ۽ فائن آرٽ شعبا جوڙيا. ادبي شعبي جو ڪنوينر اياز گل، ميوزڪ شعبي جو ڪنوينر سيد نور رضوي، ڊراما شعبي جو ڪنوينر وفا دلدار ۽ فائن آرٽ شعبي جو ڪنوينر پروفيسر غلام اڪبر سولنگي کي مقرر ڪيو ويو. هنن شعبن جي جڙڻ سان سکر آرٽس ڪائونسل جي سرگرمين ۾ اڃا وڌيڪ تيزي آئي آهي. هن سال جنرل باڊي جو هڪ اجلاس ٿيو. عهديدارن جو هڪ اجلاس ٿيو. گورننگ بورڊ (BOG) جا 6 اجلاس ٿيا. ميوزڪ ۽ ڊراما شعبي جا 4 اجلاس ڪوٺايا ويا. جڏهن ته آرٽ شعبي ۾ پينٽنگ جي سکيا ڪورس واري هڪ بيچ مڪمل ٿي، جنهن ۾ 62 شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ان علاوه ميوزڪ سکيا ڪورس جي هڪ بيچ مڪمل ٿيڻ تي 10 شاگردن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا. سکر آرٽس ڪائونسل جي عهديدارن، ميمبرن ۽ شهرين جو ساٿ رهيو ته سکر آرٽس ڪائونسل جي پليٽ فارم تان علمي، ادبي، فني، معلوماتي ۽ ثقافتي رنگن جا ميلا ائين ئي مچندا رهندا. سکر آرٽس ڪائونسل فن جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردارادا ڪندي رهندي. اوهان سڀني جي تمام گهڻي مهرباني لک قرب ٿورا سکر آرٽس ڪائونسل جي سماچار کي ڏٺو ۽ پڙهيو.

## جنوري 2024ع کان ڊسمبر 2024ع تائين سکر آرٽس ڪائونسل ۾ مختلف شعبن جي اجلاسن سميت گڏيل طور پروگرامن جا تفيصل هيٺ ڏجن ٿا.

| S.N | پروگرام | تعداد |
|---|---|---|
| 1 | جنرل باڊي جا اجلاس | 01 |
| 2 | بي او جي جا اجلاس | 06 |
| 3 | عهديدارن جا اجلاس | 01 |
| 4 | ادبي شعبي جا اجلاس | 01 |
| 5 | فائن آرٽ شعبي جا اجلاس | 01 |
| | ٽوٽل | 10 |

| S.N | پروگرام | تعداد |
|---|---|---|
| 6 | ميوزڪ شعبي جا اجلاس | 02 |
| 7 | ڊراما شعبي جا اجلاس | 02 |
| 8 | فائن آرٽ جا سکيا ڪلاس | 02 بيچز |
| 9 | ميوزڪ جا سکيا ڪلاس | 02 بيچز |
| | ٽوٽل | 08 |
| 10 | گڏيل طور منعقد ڪيل پروگرام | 56 |

**مٿي ڄاڻايل تفصيل موجب ڪل پروگرامن جو تعداد چوهتر (74) آهي**

| عهديدارن، ميمبرن، ڪميٽين ۽ ملازمن جو اعداد و شمار هن ريت آهي | |
|---|---|
| سکر آرٽس ڪائونسل جي چونڊيل عهديدارن جو تعداد | 05 |
| سکر آرٽس ڪائونسل جي نامزد عهديدارن جو تعداد | 02 |
| سکر آرٽس ڪائونسل گورننگ بورڊ جي ميمبرن جو تعداد | 06 |
| سکر آرٽس ڪائونسل جي ميمبرن جو تعداد | 76 |
| سکر آرٽس ڪائونسل جي ڪميٽين جو تعداد | 04 |
| سکر آرٽس ڪائونسل جي ملازمن جو تعداد | 09 |

Sukkur Arts council

# سکر آرٽس ڪائونسل

شاليمار ڦاٽڪ نزد ڊي سي آفيس روڊ سکر

*sukkurartscouncil@gmail.com*
*https://www.facebook.com/sukkurartscouncil.pk/*
*https://sukkurartscouncil.org/*
*https://www.youtube.com/@sukkurartscouncil*